موت جي احوال ۽ ان جي تياري بابت هڪ عبرت انگيز بيان

# موت جو تصور



پيشڪش

مرڪزي مجلس شوريٰ

# موت جو تصوّر

پيشڪش

مرڪزي مجلس شُوريٰ (دعوت اسلامي)

## ترجمو پيشڪش

مجلس تراجم (دعوت اسلامي) هن رسالي جو آسان سنڌي زبان ۾ ترجمي ڪرڻ جي وس آهر ڪوشش ڪئي آهي. جيڪڏهن ترجمي يا ڪمپوزنگ ۾ ڪٿي ڪا ڪمي بيشي نظر اچي ته مجلس تراجم کي آگاهه ڪري ثواب جا حقدار بڻجو.


رابطي جي لاءِ: مڪتب مجلس تراجم (دعوت اسلامي)

عالمي مدني مرڪز فيضان مدينه محله سوداگران

پراڻي سبزي منڊي باب المدينه ڪراچي

فون نمبر: 021-34921389-90-91

*E-mail: translation@dawateislami.net*

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِیْنَ وَالصَّلٰوۃُ وَالسَّلَامُ عَلٰی سَیِّدِ الْمُرْسَلِیْنَ
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّیْطٰنِ الرَّجِیْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِیْمِ ؕ

# موت جو تصور*

## درود شريف جي فضيلت

سرڪارِ مدينه، راحتِ قلب و سينه صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو فرمانِ عاليشان آهي: ”توهان مان قيامت جي ڏينهن سڀ کان وڌيڪ منهنجي ويجهو اهو شخص هوندو جنهن مون تي ڪثرت سان درود پڙهيو هوندو.“ (ترمذي ج 2، ص 27 حديث 484)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## قبر جو خوفناڪ منظر

حضرت سيدنا ابو سِنان عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الْحَنَّان فرمائن ٿا ته هڪ ڀيري مان بيت المقدّس جي جبلن ۾ عبادت ۾ مصروف هئس ته مون هڪ نوجوان ڏٺو جيڪو انتهائي پريشاني جي حالت ۾ هيڏانهن هوڏانهن هلي رهيو هو. غمخواري جي ارادي سان ان نوجوان وٽ ويس، سلام ڪان پوءِ ان جي پريشاني جو سبب پڇيم ته ان ٻڌايو: ”اسان جو هڪ پاڙيسري پنهنجي پياءُ جي موت تي ايتري قدر غمگين ٿي ويو آهي جو هردم آهُ و زاري ڪندو رهي ٿو، مطلب ته اهو ڏاڍو

---

* مبلّغِ دعوتِ اسلامي، نگران مرڪزي مجلس شوريٰ حضرت مولانا حاجي ابو حامد محمد عمران عطّاري مَدَّظِلُّهُ الْعَالِي هي بيان 19 جمادي الاولي سنه 1429ھ بمطابق 25 مئي سنه 2008ع تي رنچوڙ لائن باب المدينه (ڪراچي) ۾ تبليغ قرآن و سنّت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ دعوتِ اسلامي جي سنتن ڀري اجتماع ۾ فرمايو. 2 صفر المظفر سنه 1434 ھ بمطابق 16 ڊسمبر سنه 2012ع تي ضروري ترميم ۽ اضافي ڪان پوءِ تحريري طور تي حاضر خدمت آهي.

(شعبہ رسائل دعوت اسلامي مجلس المدينة العلمية)

بيچين آهي. مهرباني ڪري اوهان مون سان گڏ هلو ته جيئن ان جي تعزيت ڪري ان کي تسلّي ڏيو، شايد ان جي دل جوئي ڪرڻ سان ان کي قرار اچي وڃي.“ جڏهن مان هلڻ تي راضپو ڏيکاريو ته مونکي اهو نوجوان پاڻ سان ان غمگين شخص وٽ وٺي آيو. اسان ان سان تعزيت ڪئي پر ان کو توجهه نه ڏنو بلڪ آهه و زاري ڪرڻ لڳو ته اسان ان کي سمجهائيندي چيو: ”اي الله عَزَّوَجَلَّ جا ٻانها! اهڙي طرح بي صبري جو مظاهرو نه ڪر، الله عَزَّوَجَلَّ کان ڊڄ ۽ صبر ڪر، بيشڪ موت هر ڪنهن کي اچڻو آهي. جنهن به زندگي جو سفر شروع ڪيو ان جي منزل و انتها موت آهي، موت هڪ اهڙي پُل آهي جنهن تان هر ڪنهن کي گذرڻو آهي، ڪجهه گذري ويا، ڪي گذري رهيا آهن ۽ ڪن کي پنهنجي واري سان گذرڻو آهي.“

یاد رکھ! ہر آن آخر موت ہے　　بن تو مت انجان آخر موت ہے
ملکِ فانی میں فنا ہر شے کو ہے　　سن لگا کر کان، آخر موت ہے
بارہا علمیؔ تجھے سمجھا چکے　　مان یا مت مان، آخر موت ہے

اسان جون ڳالهيون ٻڌي اهو شخص چوڻ لڳو ته: ”منهنجا پيارا! توهان بلڪل سچ ٿا چئو، توهان جون ڳالهيون برحق آهن، موت واقعي هر ڪنهن کي اچڻو آهي ۽ هر هڪ کي پنهنجي مقرر وقت تي هن فاني دنيا مان وڃڻو آهي پر منهنجي آهه و زاري جو سبب پيءُ جو موت ناهي بلڪ هي آهي ته منهنجو پيءُ قبر جي اندر تمام وڏي تڪليف ۾ مبتلا آهي.“ ان جي ڳالهه ٻڌي اسان چيو: ”سُبحٰنَ الله عَزَّوَجَلَّ! ڇا تون غيب ڄاڻندو آهين جو توکي خبر پئجي وئي ته تنهنجو پيءُ قبر ۾ عذاب ۾ مبتلا آهي؟“ تنهن تي اهو چوڻ

لڳو: ”نہ! مان غيب تہ نٿو ڄاڻان پر مون جيڪو هولناڪ منظر پنهنجي اکين سان ڏٺو آهي ان مون کي بيقرار ڪري ڇڏيو آهي.“ اسان جي اصرار تي آخرڪار ان پنهنجو واقعو هن طرح بيان ڪيو: جڏهن منهنجي پيءُ جو انتقال ٿيو ۽ ڪفن دفن کان پوءِ اسان ان کي قبرستان ۾ دفن ڪيو ۽ ماڻهو واپس موٽيا، پر مان ٿورو وقت قبر وٽ ويهي رهيس. اوچتو مون وڏو دردناڪ آواز ٻڌو، ڄڻ ڪو انتهائي تڪليف جي حالت ۾ ”بچايو! بچايو!“ پڪاري رهيو هو، مون هيڏانهن هوڏانهن نهاريو پر ڪوبہ نظر نہ آيو، غور سان ٻڌڻ لڳس تہ آخر اهو آواز ڪنهن جو آهي ۽ ڪٿان اچي رهيو آهي؟ معلوم ٿيو تہ اهو دردناڪ آواز تہ منهنجي پيءُ جو آهي جيڪو قبر مان اچي رهيو آهي. مان بيچين ٿي قبر کوٽڻ لڳس تہ هڪ غيبي آواز مون کي ڏڪائي ڇڏيو، ڪو چوڻ وارو چئي رهيو هو: اي الله عَزَّوَجَلَّ جا ٻانها! قبر نہ کوٽ، اهو الله عَزَّوَجَلَّ جي رازن منجهان هڪ راز آهي ان کي پوشيده ئي رهڻ ڏي. آواز ٻڌي مان ڊڄي ويس ۽ قبر کوٽڻ کان رڪجي ويس، جڏهن اتان اٿي وڃڻ لڳس تہ مون وري پنهنجي پيءُ جو دردناڪ آواز ٻڌو جيڪو نهايت ئي تڪليف وچان ”بچايو! بچايو“ پڪاري رهيو هو. مون کي پنهنجي پيءُ تي رحم آيو ۽ مون وري قبر کوٽڻ شروع ڪئي، اڃان مون ٿوري مٽي هٽائي تہ مون وري غيبي آواز ٻڌو: الله عَزَّوَجَلَّ جي رازن کي نہ کول ۽ قبر نہ کوٽ. غيبي آواز ٻڌي مان وري قبر کوٽڻ کان رڪجي ويس ۽ اتان وڃڻ لڳس تہ ان پيري منهنجي پيءُ جنهن تڪليف سان مون کي پڪاريو تہ مون کان صبر ٿي نہ سگهيو بلڪ ان تي رحم آيو ۽ مون پڪو ارادو ڪيو تہ هاڻي تہ ضرور قبر کوٽيندس. اهڙي ريت مون

قبر کوٽڻ شروع ڪئي جيئن ئي قبر تان سر هٽايم تہ قبر جو اندريون منظر ڏسي منهنجو هوش اڏامي ويو، اندر انتهائي خوفناڪ منظر هو، هاڻي هاڻي اسان جنهن پيءُ کي دفن ڪيو هو ان جو سڄو جسم نہ رڳو باهہ جي زنجيرن ۾ جڪڙيل هو بلڪ قبر چڻ تہ جهنم جي باهہ سان ڀريل هئي. پنهنجي پيءُ کي ان حال ۾ ڏسي مون کان صبر ٿي نہ سگهيو، ان کي زنجيرن مان آزاد ڪرائڻ جي لاءِ مون وڏي بيتابي سان پنهنجو هٿ ان جي گردن ۾ پيل زنجيرن ڏانهن وڌايو، جيئن ئي منهنجو هٿ زنجير کي لڳو منهنجي هٿ جون آڱريون چڻ تہ گرم لوهہ وانگر ڳري هٿ کان ڌار ٿي ويون. تڪليف جي شدت سان منهنجون رڙيون نڪريون ويون ۽ مان هاتف غيبي جي منع ڪرڻ جي باوجود پيءُ جي قبر کولڻ تي افسوس ڪرڻ لڳس پوءِ جيئن تيئن ڪري مون قبر بند ڪئي ۽ اتان پڄي نڪتس. ڏسڻ چاهيو ٿا تہ هي ڏسو! منهنجي هٿ جون آڱريون. ايترو چوڻ کان پوءِ ان چادر کان پنهنجو هٿ ٻاهر ڪڍيو تہ واقعي ان جون چارئي آڱريون غائب هيون ۽ هٿ تي زخم جو بہ عجيب و غريب نشان موجود هو.

حضرت سيدنا ابوسِنان عَلَيۡهِ رَحۡمَةُ اللهِ الۡحَنَّان فرمائن ٿا تہ اهو ڏسي اسان الله عَزَّوَجَلَّ جي عذاب کان عافيّت طلب ڪئي ۽ اتان هليا آياسين.

(عيون الحڪايات ص 171)

## عذابِ قبر ظاهر ٿيڻ جي حڪمت

حضرت سيدنا ابوسِنان عَلَيۡهِ رَحۡمَةُ اللهِ الۡحَنَّان فرمائن ٿا تہ جڏهن مان حضرت سيدنا امام اوزاعي عَلَيۡهِ رَحۡمَةُ اللّٰهِ الۡقَوِی جي بارگاهہ ۾ حاضر ٿيس تہ مون انهن کي اهو سمورو واقعو ٻڌائي پڇيو: سائين! جڏهن کو

يهودي يا نصراني مرندو آهي تہ ان جو عذاب قبر ماڻهن تي ظاهر ناهي ٿيندو پر مسلمانن جي قبرن جا حالات ڪڏهن ڪڏهن ظاهر ٿيندا آهن ان جو ڇا سبب آهي؟ تہ پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه ارشاد فرمايو: ڪافرن جي عذابِ قبر ۾ تہ ڪنهن مسلمان کي شڪ ئي ناهي، انهن کي دائمي عذاب ۾ گرفتار ٿيڻو ئي آهي. سيئي مسلمان يقين رکن ٿا تہ ڪافر مرندي ئي عذاب ۾ مبتلا ٿيندا آهن ان ڪري انهن جي عذاب کي ظاهر نٿو ڪيو وڃي. باقي! ڪڏهن ڪڏهن گنهگار مسلمانن جي قبرن جو حال ماڻهن تي ظاهر ڪيو ويندو آهي تہ جيئن ماڻهو عبرت حاصل ڪن ۽ گناهن کان توبهہ تائب ٿي پنهنجي پروردگار عَزَّوَجَلَّ جي رضا وارن عملن ڏانهن مائل ٿين.

(عيون الحڪايات ص 171)

## عبرت جا مدني گُل

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! انهيءَ حڪايت مان اسان جي لاءِ عبرت جا ڪيترائي مدني گُل پوشيده آهن.

۞ هن ڳالهہ ۾ ڪو شڪ ناهي تہ جنهن جو خاتمو ڪفر تي ٿيو اهو مرندي ئي عذاب ۾ مبتلا ٿي ويندو آهي جنهن کان نجات جي ڪا صورت ناهي.

۞ ڪڏهن ڪڏهن گنهگار مسلمانن جي قبر جي عذاب وارا واقعا ظاهر ڪيا ويندا آهن تہ جيئن مسلمان عبرت حاصل ڪن ۽ ان خوش فهمي ۾ نہ رهن جو اسان تہ ايمان آڻي چڪا آهيون تنهن ڪري اسان قبر جي عذاب کان محفوظ رهنداسين.

۞ هي ڳالهہ بہ مدّنظر رکڻ گهرجي تہ جيڪڏهن لاپرواهي سان زندگي گذاريندا رهيا ۽ توبهہ ڪرڻ کان سواءِ گناهن جو بار کڻي قبر

۾ ويا ۽ الله عَزَّوَجَلَّ ۽ ان جا حبيب صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ناراض ٿي ويا تہ قبر جي عذاب ۾ گرفتار ٿي سگهجي ٿو.

۞ قبر جي عذاب جي سختي ۽ هولناڪي جو اندازو ان ڳالھ مان لڳائي سگهو ٿا جو ان شخص جي پاءُ کي ٽوري ئي دير ۾ باھ جي زنجيرن ۾ جڪڙيو ويو ۽ جڏهن ان پنهنجي پاءُ کي بچائڻ جي لاءِ هٿ وڌايو تہ ان جون آڱريون هٿ کان الڳ ٿي ويون.

۞ قبر جهنم جي کڏن مان هڪ کڏو ٿي سگهي ٿي. جيئن حديثِ پاڪ ۾ آهي: ”قبر جنت جي باغن منجهان هڪ باغ آهي يا جهنم جي کڏن مان هڪ کڏو.“ (ترمذي ج 4 ص 208 حديث 2468)

مرا دل کانپ اٹھتا ہے کلیجہ منہ کو آتا ہے
کرم یا ربّ! اندھیرا قبر کا جب یاد آتا ہے

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## قبر جي پُڪار

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اسان پنهنجي هٿن سان مُردن کي قبر ۾ لاهيندا آهيون ليڪن اسان کي ان ڳالھ جو احساس ناهي هوندو جو هڪ ڏينهن اسان کي بہ انڌيري قبر ۾ لهڻو ۽ پنهنجي ڪيل عملن جو حساب، ڪتاب ڏيڻو پوندو. اسان قبر کي وساريون چاهي ياد رکون قبر اسان کي ناهي وساريندي. جيئن سيدنا فقيہ ابو الليث سمرقندي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللّٰهِ الْقَوِی نقل فرمائن ٿا تہ قبر روزانو 5 ڀيرا هي ندا ڪندي آهي:

۞ اي انسان! تون منهنجي پٺ تي هلين ٿو حالانڪ منهنجو پيٽ تنهنجو ٺڪاڻو آهي.

❁ اي انسان! تون مون تي عمده عمده طعام کائين ٿو جلد ئي منهنجي پيٽ ۾ توکي ڪيڙا کائيندا.

❁ اي انسان! تون منهنجي پٺ تي کلين ٿو جلد ئي منهنجي اندر روئندين.

❁ اي انسان! تون منهنجي پٺ تي خوشيون ملهائين ٿو جلدي مون ۾ غمگين ٿيندين.

❁ اي انسان! تون منهنجي پٺ تي گناهه ڪرين ٿو جلدي منهنجي پيٽ ۾ عذاب ۾ مبتلا ٿيندين. (تنبيہ الغافلين ص 23)

قبرُ روزانہ یہ کرتی ہے پکار     مجھ میں ہیں کیڑے مکوڑے بے شمار
یاد رکھ! میں ہوں اندھیری کوٹھڑی     تجھ کو ہوگی مجھ میں سُن وحشت بڑی

میرے اندر تُو اکیلا آئے گا
ہاں مگر اعمال لیتا آئے گا

تُوبُوْا اِلَی اللّٰه     اَسْتَغْفِرُ اللّٰه
صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب!     صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## قبر نانگن سان ڀرجي وئي

حضرت سيدنا عبدالحميد بن محمود عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الْوَدُوْد چون ٿا: مان حضرت سيدنا ابن عباس رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُمَا وٽ وينو هئس، ڪن ماڻهن خدمت ۾ حاضر ٿي عرض ڪيو: اسان حج جي ارادي سان اچي رهيا هئاسين ته رستي ۾ اسان جو هڪ ساٿي فوت ٿي ويو. اسان ڪفن دفن جو بندوبست ڪري قبر کوٽي ته اها نانگن سان ڀرجي وئي، اسان ان جڳهه کي ڇڏي ٻي جڳهه تي قبر کوٽي ته اتي به ائين ئي ٿيو، اهڙي طرح ٽين جڳهه تي به اهوئي ساڳيو واقعو پيش آيو. تنهن ڪري اسان ان کي ڇڏي اوهان کان مشورو وٺڻ لاءِ حاضر ٿيا آهيون.

حضرت سيدنا ابن عباس رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْهُما جن فرمايو: هي ان جي عملن جو بدلو آهي، وجو ۽ ان کي انهيءَ (نانگن سان ڀريل قبر) ۾ دفن ڪريو. انهيءَ ذات جو قسم جنهن جي قبضهءِ قدرت ۾ منهنجي جان آهي! جيڪڏهن توهان سموري زمين به کوٽيو ته هر جاءِ تي اهي نانگ ئي ڏسندؤ. تنهن ڪري انهن وجي ان کي نانگن سان ڀريل قبر ۾ دفن ڪري ڇڏيو. پوءِ واپسي تي جڏهن ان جو سامان ڏيڻ جي لاءِ ان جي گهر ويا ته ان جي گهرواريءَ کان پڇيائون ته ”اهو ڪهڙو ڪم ڪندو هو؟“ ته ان جي گهرواريءَ جواب ڏنو: اهو ڪٽڪ وڪٽندو هو ۽ روزانو ان مان پنهنجي گهروارن جي لاءِ هڪ ويلي جيتري ڪدي ايتري بيڪار ڪٽڪ ان ۾ وجهي ڇڏيندو هو.

(موسوعة ابن ابي الدنيا ج 6 ص 83 حديث 128)

حسنِ ظاہِر پر اگر تُو جائے گا عالمِ فانی سے دھوکا کھائے گا
یہ مُنقّش سانپ ہے ڈس جائے گا رہ نہ غافل یاد رکھ پچھتائے گا

ایک دن مرنا ہے آخِر موت ہے
کر لے جو کرنا ہے آخِر موت ہے

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## مسلمان ۽ ڪافر جي موت جو احوال

حضرت سيِّدُنا براء بن عازب رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْهُ فرمائن ٿا ته اسان رسول الله صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن سان گڏ هڪ انصاري جي جنازي ۾ وياسين، جڏهن قبر تي پهتاسين ته اها اڃان تيار نه ٿي هئي، حضور صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم (اتي) ويهي رهيا، اسان به پاڻ ڪريمن صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي چوڌاري اهڙي طرح ويهي رهياسين ڄڻ ته اسان جي مٿن تي پکي

وينل هجن، حضور صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي هٿ مبارڪ ۾ هڪ چڙي هئي جنهن سان پاڻ ڪريم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم زمين کوٽڻ لڳا، پوءِ پاڻ ڪريمن صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پنهنجو مٿو مبارڪ کنيو ۽ ٻه يا ٽي ڀيرا فرمايو: ”عذاب قبر کان اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي پناهه گهرو“ وري فرمايائون: مؤمن ٻانهو جڏهن دنيا مان روانو ٿي آخرت ڏانهن وڃڻ لڳندو آهي ته ان تي آسمان مان سفيد چهرن وارا ملائڪ لهندا آهن ڄڻ ته انهن جا چهرا سج آهن، انهن وٽ جنّتي ڪفن ۽ جنتي خوشبو هوندي آهي ايتري تائين جو ميّت وٽ تاحدّ نگاهه ويهي رهندا آهن، پوءِ ملڪ الموت عَلَيْهِ السَّلَام ايندا آهن ۽ ان جي سيراندي وٽ ويهي چوندا آهن: اي پاڪ روح! اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي بخشش ۽ رضا ڏانهن هل. ته اهو ان طرح (جسم مان) نڪرندو آهي جهڙي طرح پاڻي جي مشڪ مان ڪو قطرو ٽمي نڪرندو آهي ۽ ملڪ الموت عَلَيْهِ السَّلَام ان کي قبض ڪري وٺندا آهن. جيئن ئي ان جو روح قبض ڪندا آهن ته اتي موجود ٻيا ملائڪ ذري برابر به دير ناهن ڪندا ۽ ان جي نيڪ روح کي ملڪ الموت عَلَيْهِ السَّلَام کان وني جنّتي ڪفن پارائيندا آهن پوءِ ان کي جنتي خوشبو لڳائيندا آهن ته ان سان روءِ زمين تي ملندڙ بهترين مشڪ کان به وڌيڪ نفيس خوشبو اچڻ لڳندي آهي، پوءِ اهي ملائڪ ان روح کي کڻي (آسمان ڏانهن) هليا ويندا آهن، (اهي) ملائڪن جي جنهن به گروهه کان گذرندا آهن اهي پڇندا آهن: اهو خوشبو ۾ مهڪيل روح ڪنهن جو آهي؟ ته ملائڪ چوندا آهن ته اهو فلان بن فلان آهي. اهو ان روح جو تعارف اهڙي معزز ۽ محترم نالي سان ڪرائيندا آهن جنهن سان ماڻهو ان کي دنيا ۾ پڪاريندا هئا، ايتري تائين جو اهي ان کي کڻي آسمانِ دنيا تائين وڃي پهچندا آهن، پوءِ

ان جي لاءِ آسمان جي دروازن کولڻ جي اجازت طلب ڪئي ويندي آهي تہ دروازا کوليا ويندا آهن، ان کان پوءِ هر آسمان جا ملائڪ ان کي اڳئين آسمان تي پهچائيندا آهن ايتري قدر جو ان کي ستين آسمان تي پهچائي ڇڏيندا آهن پوءِ **اللّٰه** تعالیٰ فرمائيندو آهي: ”منهنجي ٻانهي جي اعمال نامي کي مقام عليين[1] (حاصل ڪرڻ وارن) ۾ لکي ڇڏيو ۽ ان کي زمين ڏانهن موٽايو ڇوتہ مون پنهنجي ٻانهن کي انهيءَ مان پيدا ڪيو آهي، انهيءَ ۾ ئي انهن کي موٽائيندس ۽ انهيءَ مان انهن کي وري ڪيندس. حضور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن وڌيڪ فرمايو: ان جو روح ان جي جسم ۾ موٽايو ويندو آهي پوءِ ان وٽ ٻہ ملائڪ اچي ان کي ويهاريندا آهن ۽ ان کان پڇندا آهن تہ تنهنجو ربّ ڪير آهي؟ اهو چوندو آهي منهنجو ربّ **اللّٰه** آهي، اهي پڇندا آهن: تنهنجو دين ڪهڙو آهي؟ اهو چوندو آهي: منهنجو دين اسلام آهي. اهي پڇندا آهن: اهي صاحب ڪير آهن جيڪي توهان ۾ موڪليا ويا؟ اهو چوندو آهي: **اللّٰه** جا رسول صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم آهن. اهي پڇندا آهن: توکي ڪيئن معلوم ٿيو؟ اهو چوندو آهي: مون **اللّٰه** عَزَّوَجَلَّ جو ڪتاب پڙهيو، ان تي ايمان آندو ۽ ان جي تصديق ڪئي تہ آسمان مان پڪارڻ وارو پڪاريندو آهي تہ منهنجي ٻانهي سچ چيو. ان لاءِ جنّت جو بستر وڇايو، ان کي جنّتي لباس پارايو ۽ ان لاءِ جنّت جي طرف دروازو کوليو. پوءِ ان کي جنّت جي خوشگوار هوا ۽ خوشبو ايندي رهندي آهي ۽ ان جي قبر تا حدّ نظر ڪشادي ڪئي ويندي آهي. پوءِ ان وٽ هڪ خوبصورت

(1) عليّين ستين آسمان تي عرش جي هيٺيان (هڪ جاءِ جو نالو) آهي.
(خزائن العرفان پ 30، المطففين تحت الآية 18)

چهري، سنن ڪپڙن ۾ نهايت پاڪيزه خوشبو وارو شخص ايندو آهي ۽ چوندو آهي: توکي خوشخبري هجي ان شيءِ جي جيڪا توکي خوش ڪري ڇڏيندي. هي تنهنجو اهو ڏينهن آهي جنهن جو توسان واعدو ڪيو ويو هو. اهو پڇندو آهي: تون ڪير آهين؟ تنهنجو چهرو ڀلائي جي خبر ڏئي ٿو. اهو چوندو آهي: مان تنهنجو نيڪ عمل آهيان. ٻانهو چوندو آهي: اي منهنجا ربّ! قيامت قائم ڪر ته جيئن مان پنهنجي گهرٻار ۽ مال وٽ پهچان. پاڻ ڪريمن صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن مزيد فرمايو ته ڪافر ٻانهو جڏهن دنيا مان روانو ٿي آخرت ڏانهن وڃڻ لڳندو آهي ته ان ڏانهن آسمان مان ڪارن چهرن وارن ملائڪ لهندا آهن جن وٽ ٽاٽ هوندا آهن. اهي ملائڪ ان وٽ تاحدّ نگاهه ويهي رهندا آهن ۽ پوءِ ملڪ الموت عَلَيْهِ السَّلَام ان جي سيراندي وٽ ويهي چوندا آهن: ”اي خبيث روح! اللّٰه جي ناراضگي ۽ غضب ڏانهن نڪر.“ ته اهو روح جسم ۾ لڪندو وتندو آهي، ملڪ الموت عَلَيْهِ السَّلَام ان کي ڇڪيندا آهن جيئن گرم سيخ ڀُسيل اُن مان ڇڪي ڪڍبي آهي. جڏهن اهي ان کي قبض ڪري وٺندا آهن ته ملائڪ ان کي ملڪ الموت عَلَيْهِ السَّلَام جي هٿ ۾ اک ڇنڀ جيترو به ناهن رهڻ ڏيندا ۽ اهي ان کي ڪٽي ٽاٽن ۾ وجهندا آهن، ان مان روءِ زمين جي بدترين مردار جهڙي بدبو نڪرندي آهي جڏهن اهي ان کي ڪٽي (آسمان ڏانهن) چڙهندا آهن ته ملائڪن جي جنهن گروهه وٽان گذرندا آهن اهي پڇندا آهن: اهو خبيث روح ڪنهن جو آهي؟ ته ملائڪ ان جو دنياوي بدترين نالو وٺي چوندا آهن ته هي فلان بن فلان آهي. ايستائين جو ان کي آسمانِ دنيا تائين کڻي ايندا آهن ۽ ان (آسمان) جو دروازو کولڻ جي اجازت طلب ڪندا آهن پر اهو ان لاءِ ناهي

ڪوليو ويندو، پوءِ ٻنهي جهانن جي تاجوَر، سلطانِ بحر و بر صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن هي آيت مبارڪ تلاوت فرمائي:

لَا تُفَتَّحُ لَهُمۡ اَبۡوَابُ السَّمَآءِ وَ لَا يَدۡخُلُوۡنَ الۡجَنَّةَ حَتّٰى يَلِجَ الۡجَمَلُ فِىۡ سَمِّ الۡخِيَاطِ‌ؕ (پ 8 الاعراف 40)

**ترجمو ڪنزالايمان:** تن جي واسطي آسمان جا دروازا نه کوليا ويندا ۽ نه اهي بهشت ۾ داخل ٿين ايستائين جو اُٺ سُئي جي ناڪي ۾ داخل نه ٿئي.

پوءِ ربّ تعاليٰ ملائڪن کي فرمائيندو آهي: ”ان جو اعمال نامو هيٺانهين زمين ۾ مقامِ سجّين[1] (وارن) ۾ لکي ڇڏيو.“ ته ان جي روح کي اڇلايو ويندو آهي. پوءِ ٻنهي جهانن جي مالڪ و مختار باذن پروردگار، مڪي مدني سرڪار صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن هي آيت مبارڪ تلاوت فرمائي:

وَ مَنۡ يُّشۡرِكۡ بِاللّٰهِ فَكَاَنَّمَا خَرَّ مِنَ السَّمَآءِ فَتَخۡطَفُهُ الطَّيۡرُ اَوۡ تَهۡوِىۡ بِهِ الرِّيۡحُ فِىۡ مَكَانٍ سَحِيۡقٍ ۝۳۱ (پ 17 الحج 31)

**ترجمو ڪنزالايمان:** ۽ جيڪو الله جو شريڪ ٺاهي اهو ڄڻ آسمان کان ڪِريو جو پکي ان کي جهٽي وڃن ٿا يا هوا ان کي ڪنهن پرانهين جاءِ تي ڦٽي ڪري ڇڏي.

پوءِ روح جسم ۾ موٽايو ويندو آهي ۽ ان وٽ ٻه ملائڪ اچي ويهندا آهن ۽ پڇندا آهن: تنهنجو ربّ ڪير آهي؟ اهو هاءِ! هاءِ! مان نٿو ڄاڻان. پوءِ پڇندا آهن: تنهنجو دين ڪهڙو آهي؟ اهو چوندو آهي: هاءِ! هاءِ! مان نٿو ڄاڻان. پوءِ پڇندا آهن: اهي صاحب ڪير آهن جيڪي توهان ۾ موڪليا ويا؟ اهو چوندو آهي: هاءِ! هاءِ! مان

(1) سجّين سٽين زمين جي اسفل ۾ هڪ جاءِ آهي جيڪا ابليس ۽ ان جي لشڪرن جو محل آهي.
(خزائن العرفان پ 30 المطففين تحت الأية 7)

نتو ڄاڻان. انهيءَ دوران آسمان مان پڪارڻ وارو پڪاريندو آهي: اهو ڪوڙو آهي، ان لاءِ باهه جو بستر وڇايو ۽ باهه جي طرف دروازو کوليو. اهڙي ريت ان تائين دوزخ جي گرمي ۽ اتان جي گرم هوا ايندي آهي ۽ ان تي قبر ايتري قدر سوڙهي ڪئي ويندي آهي جو ان جون پاسراٿيون هيڏانهن هوڏانهن ٿي (يعني هڪ ٻئي ۾ ملي) وينديون آهن ۽ ان وٽ هڪ بدصورت، بري لباس وارو بدبودار ماڻهو ايندو آهي ۽ ان کي چوندو آهي: توکي خوشخبري هجي ان شيءِ جي جيڪا توکي غمگين ڪندي اهوئي اهو ڏينهن آهي جنهن جو توسان واعدو ڪيو ويو هو. مُردو چوندو آهي ته تون ڪير آهين تنهنجي چهري مان شرّ (برائي) معلوم ٿي رهي آهي؟ اهو چوندو: مان تنهنجو برو عمل آهيان، تڏهن هي چوندو آهي الٰهي! قيامت قائم نه ڪجان. (مسند احمد ج 6 ص 413 حديث 18559)

## قبر جو عذاب حق آهي

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! تورو غور ته ڪريو جڏهن ته هڪ ٻانهو نيڪوڪار ۽ هڪ ڪافر و بدڪار جي موت، قبر، روح نڪرڻ، روح آسمان تائين وڃڻ ۽ روح نڪرڻ جي سختين جي احوال ۾ ڪيتري قدر فرق آهي. ياد رکو! قبر جو عذاب حق آهي.

ام المؤمنين حضرت سيدتنا عائشه رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنۡهَا ٻنهي جهانن جي تاجوَر، سلطان بحر و بر صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن کان قبر جي عذاب جي باري ۾ پڇيو ته پاڻ ڪريمن صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: هائو! قبر جو عذاب حق آهي. ام المؤمنين حضرت سيدتنا عائشه رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنۡهَا بيان فرمائن ٿيون ته ان کان پوءِ مون ڏٺو ته منهنجا سرتاج، صاحب

معراج صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم هر نماز کان پوءِ قبر جي عذاب کان پناهه گهرندا هئا. (بخاري ج 1 ص 463 حديث 1372) ۽ پڻ بخاري شريف جي هڪ ٻي حديثِ پاڪ ۾ اها دعا به ذڪر ڪيل آهي. جيئن حضرت سيدنا ابوهريره رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ کان روايت آهي ته سرڪارِ مدينه صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم هي دعا گهرندا هئا: اَللّٰهُمَّ اِنِّی اَعُوْذُ بِكَ مِنْ عَذَابِ الْقَبْرِ وَمِنْ عَذَابِ النَّارِ وَمِنْ فِتْنَةِ الْمَحْيَا وَالْمَمَاتِ وَمِنْ فِتْنَةِ الْمَسِيْحِ الدَّجَّالِ. يعني اي الله عَزَّوَجَلَّ! مان عذابِ قبر، عذابِ دوزخ، زندگي ۽ موت جي فتنن ۽ مسيح دجّال جي فتنن کان تنهنجي پناهه گهران ٿو. (بخاري ج 1 ص 464 حديث 1377)

## حديثِ پاڪ جي شرح

مُفسّر شهير، حڪيمُ الاُمّت، حضرت مفتي احمد يار خان عَلَيْهِ رَحْمَةُ الْحَنَّان فرمائن ٿا: اهي سيئي دعائون امّت جي تعليم جي لاءِ آهن نه ته انبياءِ ڪرام عَلَيْهِمُ السَّلَام عذابِ قبر ته ڇا حسابِ قبر کان به محفوظ آهن. اهڙي طرح جيڪو انهن جي دامن ۾ اچي وڃي اهو زندگي ۽ موت جي فتنن کان محفوظ ٿي ويندو آهي. سندن نالي جي برڪت سان ماڻهن کي دجّال جي فتنن کان امن ملندو. جتي به حضور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو ته مان فلاڻ شيءِ کان تنهنجي پناهه گهران ٿو، اتي امت جي لاءِ پناهه مراد آهي. (مرآة المناجيح ج 2 ص 110)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ٿورو غور ته ڪريو، اسان جا آقا، مديني وارا مصطفیٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پاڻ ته هر قسم جي معصيّت کان محفوظ آهن پر اسان گنهگارن جي لاءِ عذابِ قبر ۽ مختلف فتنن کان پناهه گهري رهيا آهن ۽ وري اسان آهيون جو ڏينهن رات گناهن ۾ مشغول رهڻ جي باوجود نه اسان کي موت جي سختين جو خوف

آهي نہ عذابِ قبر جو ڊپ آهي بلڪ اسان ڏينهن و ڏينهن گناهن جي معاملي ۾ لاپرواهہ ٿيندا پيا وڃون.

آگاہ اپنی موت سے کوئی بشر نہیں
ساماں سو برس کا پل کی خبر نہیں

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ تَعالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## اسان جو ڇا ٿيندو؟

شراب پيئڻ وارن، بدڪاري ڪرڻ وارن، جُوا کيڏڻ وارن، بدفعلي ڪرڻ وارن، بدنگاهي ڪرڻ وارن، گانا ٻڌڻ وارن، فلمون ڊراما ڏسڻ وارن، لِڪي گناهہ ڪرڻ وارن، ڏاڙهي ڪوڙائڻ وارن، والدين کي ستائڻ وارن، ملاوٽ وارو مال ڌوکي سان وڪڻڻ وارن، بنا اجازت شرعي رمضان جا روزا قضا ڪرڻ وارن، ڪوڙ ڳالهائڻ وارن، رشوت وٺڻ وارن، ماڻهن جا موبائل فون چوري ڪرڻ وارن، ڌاڙو هڻڻ وارن، پاڪدامن عورتن تي تهمت هڻڻ وارن، بدگمانيون ڪرڻ وارن، مسلمانن جي عزت سان کيڏڻ وارن ۽ مسلمانن جي دل آزاري جو سبب بڻجڻ وارن جي لاءِ مقامِ غور آهي تہ جيڪڏهن **الله** عَزَّوَجَلَّ جي نافرماني ۽ ان جي پياري حبيب صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن جي سنّتن کان منهن موڙڻ سبب متان **الله** عَزَّوَجَلَّ ۽ رسول **الله** صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ناراض ٿي وڃي، گناهن جي نحوست جي ڪري جيڪڏهن ايمان برباد ٿي ويو ۽ انهيءَ حالت ۾ موت اچي ويو تہ اسان جو ڇا ٿيندو؟

پيارا اسلامي ڀائرو! جيڪڏهن اسان جي قبر ۾ باهہ ڀڙڪائي وئي: ✪ جيڪڏهن اسان جي زبان تي هي جاري ٿي ويو: هَيْهَاتَ هَيْهَاتَ لَا اَدْرِیْ افسوس! مان ڪجهہ نٿو ڄاڻان ✪ جيڪڏهن اسان جي قبر

ٻنهي پاسن کان ملي اسان کي دٻائڻ لڳي ✧ جيڪڏهن اسان جون پاسراٽيون ٽٽي هڪ ٻئي ۾ ملي ويون ته اسان ڇا ڪنداسين؟ ✧ اسان جي قبر ۾ نانگ وڇون اچي ويا ته ڪيڏانهن وينداسين؟ ✧ اسان کي ٻاهه جي زنجيرن ۾ جڪڙيو ويو ته اسان جو ڇا ٿيندو؟ ✧ اسان جي ڪفن کي ٻاهه جي ڪفن ۾ تبديل ڪيو ويو ته اسان جو ڇا حال ٿيندو؟ ان وقت ڪيڏانهن وينداسين؟ ڪنهن کي پڪارينداسين؟

الله عَزَّوَجَلَّ ۽ ان جي پياري حبيب صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن کي ته ناراض ڪري چڪا آهيون هاڻي ڪير آهي جيڪو قبر جي هولناڪين کان بچائيندو؟

عملن جو سلسلو به منقطع ٿي چڪو جو قبر عملن جي جاءِ ناهي، عمل جي لاءِ جيڪا زندگي ملي هئي ان کي ته غفلت ۾ گذاري ڇڏيو، هاءِ افسوس! اسان پنهنجي دنياوي زندگي غفلت ۽ قسمين قسمين جي گناهن ۽ فضول ڪمن ۾ برباد ڪري ڇڏي.

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!**

❖ الله عَزَّوَجَلَّ اسان سڀني تي رحم فرمائي.
❖ الله عَزَّوَجَلَّ اسان سڀني کي گناهن جي عادت کان نجات عطا فرمائي.
❖ الله عَزَّوَجَلَّ اسان سڀني کي نمازي بڻائي.
❖ الله عَزَّوَجَلَّ اسان سڀني کي گناهن کان بچڻ وارو بڻائي.
❖ الله عَزَّوَجَلَّ اسان سڀني تي موت جون سختيون آسان ڪري.
❖ الله عَزَّوَجَلَّ اسان سڀني جو ايمان سلامت رکي.
❖ الله عَزَّوَجَلَّ اسان سڀني کي توبهه جي توفيق عطا فرمائي.
❖ الله عَزَّوَجَلَّ اسان جي قبر کي جنّت جو باغ بڻائي.
❖ الله عَزَّوَجَلَّ اسان سڀني تي پنهنجي رحمت جو مينهن وسائي.

❖ اللّٰه عَزَّوَجَلَّ اسان کي گهڙي ڪن ۾ ڪفر جي زندگي ۾ مبتلا نہ فرمائي.
❖ اللّٰه عَزَّوَجَلَّ اسان کي عافيت، عافيت ۽ عافيت ئي عطا فرمائي.

هاڻي اسان وٽ وقت آهي، اسان جا ساهہ اڃان باقي آهن، ان کان پهريان جو موت جو ملائڪ اچي اسان جي حياتي جو رشتو منقطع ڪري ڇڏي، تنهن ڪري بنا ڪنهن دير جي تمام جلدي پنهنجي سڀني گناهن کان توبه ڪري وٺون. اسان جا اسلاف قبر جي هولناڪين، وحشتن، اڪيلائين ۽ اونداهين کان ڏاڍا خوفزده رهندا هئا ۽ وري اسان آهيون جو پنهنجي قبر کي بلڪل وساري ڇڏيو آهي، ڏينهن و ڏينهن ماڻهن جا جنازا کڄندي ڏسڻ جي باوجود هي نٿا سوچيون تہ هڪ ڏينهن اسان جو جنازو بہ کڄندو، بيشڪ اهي جنازا اسان لاءِ خاموش مبلّغ جي حيثيّت رکن ٿا، جيڪي زبانِ حال سان چئي رهيا آهن جن جي ترجماني ڪنهن ڪهڙي نہ سهڻي انداز ۾ ڪئي آهي:

جنازہ آگے آگے کہہ رہا ہے اے جہاں والو
مرے پیچھے چلے آؤ تمہارا رہنما میں ہوں

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## هي عبرت جي جاءِ آهي

اسان جا ڪيترائي دوست، احباب، عزيز، رشتيدار تمام جلدي اوچتو موت جو شڪار ٿي قبرن ۾ وڃي پهتا ۽ اسان ان جي جنازي ۾ شريڪ بہ ٿياسين ليڪن خبر ناهي اسان جي اکين تي ڪهڙو غفلت جو پردو پيل آهي جو اسان کي اهو احساس ئي نٿو ٿئي جو هڪ ڏينهن اسان کي بہ اهڙي طرح موت جو شڪار ٿيڻو

پوندو ۽ انڌيري قبر ۾ لهڻو پوندو.

جب اس بزم سے اٹھ گئے دوست اکثر اور اٹھتے چلے جا رہے ہیں برابر
یہ ہر وقت پیش نظر جب ہے منظر یہاں پر ترا دل بہلتا ہے کیونکر
جگہ جی لگانے کی دنیا نہیں ہے
یہ عبرت کی جا ہے تماشا نہیں ہے

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## ملڪ الموت جو اعلان

منقول آهي: روزانو ملڪ الموت عَلَیْہِ السَّلَام قبرستان ۾ اهو اعلان ڪندا آهن: اي قبرن وارؤ! توهان ڪي دنيا ۾ موجود ڪهڙن ماڻهن تي ريس ٿيندي آهي؟ ته اهي جواب ڏيندا آهن: اسان ڪي ريس آهي انهن ماڻهن تي ۞ جيڪي بارگاهِ الٰهي ۾ حاضر ٿي سجدو ڪندا آهن حالانڪ اسان نٿا ڪري سگهون ۞ جيڪي روزا رکندا آهن حالانڪ اسان نٿا رکي سگهون ۞ جيڪي صدقو ڏيندا آهن حالانڪ اسان نٿا ڏئي سگهون ۞ جيڪي الله عَزَّوَجَلَّ جي ذڪر جون محفلون سجائيندا آهن حالانڪ اسان ائين نٿا ڪري سگهون.

(الروض الفائق ص 27)

حُجّة الاسلام حضرت سيِّدُنا امام محمّد بن محمّد غزالي عَلَيْہِ رَحْمَةُ اللّٰہِ الْوَالِي نقل ڪن ٿا: بني اسرائيل جو هڪ مغرور ماڻهو پنهنجي ڪمري ۾ گهروارن منجهان ڪنهن سان اڪيلائي ۾ وينو هو، ايتري ۾ اوچتو هڪدم هڪ شخص ان ڏانهن لپڪيو. ان مغرور چيو: اندر داخل ٿيڻ جي توکي ڪنهن اجازت ڏني، تون ڪير آهين؟ انهيءَ شخص چيو: مونکي هن گهر جي مالڪ اجازت ڏني آهي ۽ مان اهو

آهيان جنهن کي ڪوبہ دربان نٿو روڪي سگهي، مونکي بادشاهن کان بہ اجازت وٺڻ جي ضرورت ناهي هوندي، نہ مونکي ڪنهن جو دٻدٻو ڊيڄاري سگهي ٿو، نہ ئي مون کان ڪو مغرور ۽ سرڪش بچي سگهي ٿو. اهو ٻڌي اهو مغرور ماڻهو خوف وچان ڏڪندي منهن ڀر اچي زمين تي ڪِريو، پوءِ انتهائي ذلت واري حالت ۾ ڪنڌ مٿي ڪٽي چوڻ لڳو: اوهان تہ مون کي ملڪ الموت عَلَيۡهِ السَّلَام تا لڳو! فرمايائين: هائو! مان ملڪ الموت آهيان. ان عرض ڪيو: ڇا مونکي مهلت ملي سگهندي تہ جيئن توبهہ ڪري نيڪين جو عهد ڪيان؟ فرمايائين: نہ! تنهنجا پساهہ پورا ٿي چڪا آهن. چيائين: مونکي ڪيڏانهن وني ويندؤ؟ فرمايائين: ان جاءِ تي جتي تو اعمال موڪليا آهن ۽ ان گهر ڏانهن جيڪو تو تيّار ڪيو آهي. چيائين: افسوس! مون نہ ڪا نيڪي اڳتي موڪلي آهي نہ ئي ڪو سٺو گهر تيّار ڪيو آهي. ملڪ الموت عَلَيۡهِ السَّلَام فرمايو: پوءِ تہ توکي ان پڙڪندڙ باهہ ڏانهن وني وڃبو جيڪا تنهنجو گوشت ۽ کل روڙي ڇڏيندي. اهو ٻڌي ملڪ الموت عَلَيۡهِ السَّلَام ان جو روح قبض ڪري ورتو ۽ اهو مُردو ٿي وڃي ڪِريو. گهر ۾ ڪهرام مچي ويو، دانهون واڪا ۽ روئڻ رڙڻ شروع ٿي ويو. انهيءَ واقعي جا راوي حضرت سيِّدُنا يزيد رقاشي عَلَيۡهِ رَحۡمَةُ اللّٰهِ الۡقَوِی فرمائن ٿا: جيڪڏهن ان سوڳوارن کي ان جي بري انجام جي خبر پئجي وڃي ها تہ ان کان بہ وڌيڪ روئن رڙن ها. (احياءُ العلوم ج 5 ص 216)

یاد رکھ ہر آن آخر موت ہے
بن تو مت انجان آخر موت ہے
ایک دِن مرنا ہے آخر موت ہے
کرلے جو کرنا ہے آخر موت ہے

# عبرتناڪ اشعار

## نمبر﴿1﴾

وَقَفْتُ عَلَى الْاَحِبَّةِ حِيْنَ صَفَّتْ قُبُوْرُهُمْ كَاَفْرَاسِ الرِّهَانِ
فَلَمَّا اَنْ بَكَيْتُ وَ فَاضَ دَمْعِيْ رَاَتْ عَيْنَاىَ بَيْنَهُمْ مَكَانِيْ

يعني ﴿1﴾ مان دوستن وٽ رڪيس، انهن جو قبرون ڊوڙ پڇائڻ وارن گهوڙن وانگر صف بسته هيون. ﴿2﴾ پوءِ جڏهن رُنس ۽ منهنجا ڳوڙها وهڻ لڳا ته منهنجي اکين انهن جي وچ ۾ منهنجو گهر ڏسي ورتو.

(احياءُ العلوم ج 5 ص 240)

## نمبر﴿2﴾

يَآاَيُّهَا النَّاسُ كَانَ لِيْ اَمَلٌ قَصَرَ بِيْ عَنْ بُلُوْغِهِ الْاَجَل
فَلْيَتَّقِ اللّٰهَ رَبَّهٗ رَجُلٌ اَمْكَنَه فِي حِيَاتِهِ الْعَمَل
مَا اَنَا وَحدِىْ جُعِلْتُ حَيْثُ تَرَى كُلٌّ اِلٰى مَا مِثْلِهٖ سَيَنْتَقِل

يعني ﴿1﴾ اي انسانؤ! منهنجون گهڻيون اميدون (Wishes) هيون پر موت انهن تائين پهچڻ جي مهلت نه ڏني. ﴿2﴾ پوءِ ان شخص کي الله عَزَّوَجَلَّ کان ڊڄڻ گهرجي جو دنياوي زندگي ۾ نيڪ عمل ڪري سگهي ٿو. ﴿3﴾ رڳو مونکي ئي هتي ناهي رکيو ويو بلڪ تون ڏسندين ته جيڏانهن مون کي موڪليو ويو هر هڪ اوڏانهن ئي منتقل ٿيندو.

(المرجع السابق)

## نمبر﴿3﴾

اَلَا قُلْ لِمَاشٍ عَلٰى قَبرِنَا غُفُولٌ لِاَشْيَاءٍ حُلَّتْ بِنَا
سَيَنْدَمُ يَوْمًا لِتَفْرِيطِهٖ كَمَا قَدْ نَدِمْنَا لِتَفْرِيطِنَا

يعني ﴿1﴾ خبردار! اسان جي قبر وٽان گذرڻ واري جي لاءِ ٿوري مدت آهي، اهو انهن شين کان تمام گهڻو غافل آهي جيڪي اسان کي پارايون ويون آهن. ﴿2﴾ جلدي هڪ ڏينهن اهو پنهنجي غفلت جي سبب شرمندو ٿيندو جيئن اسان پنهنجي غفلت جي سبب شرمنده ٿيا آهيون. (الروض الفائق ص 26)

## نمبر﴿4﴾

قِفْ وَاعْتَبِرْ فَقَرِيْبًا ... تَحِلُّ هٰذَا الْمَحَلَّا

هٰذَا مَكَانٌ يُسَاوِيْ ... فِيْهِ الْاَعَزُّ الْاَذَلَّا

يعني ﴿1﴾ (اي گذرڻ وارا) ٿورو ترس! ۽ عبرت حاصل ڪر، جلدي توکي بہ ان جاءِ ۾ لهڻو آهي ﴿2﴾ هي اهڙي جاءِ آهي جنهن ۾ عزّت و ذلّت وارا سيئي برابر آهن. (المرجع السابق)

## نمبر﴿5﴾

بِاللّٰهِ يَاقَبْرُ! هَلْ زَالَتْ مَحَاسِنُه ... وَ هَلْ تَغَيَّرَ ذَاکَ الْمَنْظَرُ النَّضْرُ

يَاقَبْرُ! مَا اَنْتِ لَا رَوْضٌ وَلَا فَلَکٌ ... فَكَيْفَ يَجْمَعُ فِيْكِ الشَّمْسُ وَالْقَمَرُ

يعني ﴿1﴾ الله عَزَّوَجَلَّ جو قسم! اي قبر! ڇا ان جا خوبصورت عضوا برباد ٿي ويا؟ ۽ ان جو پرڪشش ۽ ترو تازه (چهرو) تبديل ٿي ويو؟ ﴿2﴾ اي قبر! تون ڇا آهين؟ تون باغ آهين، نہ آسمان، پوءِ ڪيئن تو ۾ سج چنڊ (جهڙا ماڻهو) گڏ ٿي ويندا آهن. (المرجع السابق)

## نمبر﴿6﴾

اَيُّهَا الْمَاشِیْ بَيْنَ هٰذِی الْقُبُوْرِ ... غَافِلًا عَنْ مُعَقَّبَاتِ الْاُمُوْرِ

اُدْنُ مِنِّیْ اُنْبِيْكَ عَنِّیْ وَلَا يُنْ ... بِيْكَ عَنِّیْ يَا صَاحِ مِثْلُ خَبِيْرِ

اَنَا مَيِّتٌ كَمَا تَرَانِیْ طَرِيْحٌ ... بَيْنَ اَطْبَاقِ جُنْدَلٍ وَ صَخُوْرِ

اَنَا فِیۡ بَیۡتِ غُرۡبَۃٍ وَ اِنۡفِرَادٍ — مَعۡ قُرۡبِیۡ مِنۡ جِیۡرَتِیۡ وَعَشِیۡرِی

لَیۡسَ لِیۡ فِیۡهِ مُؤۡنِسٌ غَیۡرَ سَعۡیٍ — مِنۡ صَلَاحٍ سَعَیۡتُه اَوۡ فُجُورٍ

فَکَذَا اَنۡتَ فَاعۡتَبِرۡ بِیۡ وَاِلَّا — صِرۡتَ مِثۡلِیۡ رَہِیۡنٌ یَوۡمَ النُّشُوۡرِ

يعني ﴿1﴾ اي آخرت جي معاملات کان غافل تي انهن قبرن جي وچ ۾ هلڻ وارا! ﴿2﴾ منهنجي ويجهو اچ! توکي تنهنجي پنهنجي حالات کان باخبر ڪريان جو مون کان بهتر پنهنجي حالات جي خبر تو کي ڪوبہ نہ ٻڌائيندو ﴿3﴾ مان مرده آهيان جيئن جو تون ڏسي رهيو آهين مون کي ڪلراٽي ۽ ويران زمين ۾ دفنايو ويو آهي ﴿4﴾ پنهنجي پاڙيسرين ۽ گهروارن جي باوجود مان هن گهر ۾ اڪيلو آهيان ﴿5﴾ نيڪين ۽ گناهن کان سواءِ قبر ۾ منهنجو ساٿي ڪوبہ ناهي ﴿6﴾ اهڙي طرح توکي بہ قيامت واري ڏينهن لاءِ گروي رکيو ويندو تنهن ڪري مون مان عبرت حاصل ڪر، نہ تہ تنهنجو بہ مون وانگر حال ٿيندو.

(الروض الفائق ص 26)

## آبادي ڪٿي آهي؟

منقول آهي: هڪ گهوڙي سوار مسافر هڪ وادي ۾ داخل ٿيو جڏهن تہ ان کي شام ٿي وئي هئي. ان سوچيو تہ رات جي انڌيري چانئجڻ کان پهريان ڪو محفوظ نڪاڻو تلاش ڪرڻ گهرجي. انهيءَ دوران ان کي وادي ۾ هڪ ڇوڪرو نظر آيو، ان وجي انهيءَ ڇوڪري کان پڇيو تہ آبادي ڪيڏانهن آهي؟ ڇوڪري عرض ڪيو: انهيءَ ٽڪري تي چڙهي ڏسندؤ تہ ٻئي پاسي اوهان کي آبادي ئي آبادي نظر ايندي. جڏهن ان شخص ٽڪري تي چڙهي ٻئي پاسي ڏٺو تہ ان کي آبادي جي بدران هڪ قبرستان نظر آيو جنهن ۾

هر پاسي برباديءَ ويراني جا آثار موجود هئا. اهو دل ۾ چوڻ لڳو: بيشڪ اهو ڇوڪرو بيوقوف آهي جو اچڻ وڃڻ وارن مسافرن کي پريشان ڪري ٿو يا وري انتهائي عقلمند آهي ۽ ان جي قبرستان جي طرف اشارو ڪرڻ ۾ ڪا حڪمت پوشيده آهي. اهو سوچي اهو حقيقتِ حال ڄاڻڻ لاءِ واپس آيو ۽ ان ڇوڪري کان پڇڻ لڳو: مون توکان آبادي جي باري ۾ پڇيو هو پر تو مونکي قبرستان جو رستو ڇو ٻڌايو؟ ته ڇوڪري احترام منجهان چيو: جناب! مون گهاٽي جي ان طرف جي گهڻن ماڻهن کي ويندي ته ڏٺو آهي پر اتان وارن کي ڪڏهن به هن طرف ايندي ناهي ڏٺو تنهنڪري منهنجي خيال ۾ ته آبادي اوڏانهن آهي نه ڪي هيڏانهن. باقي! جيڪڏهن اوهان مون کان هن طرح پڇيو ها: مونکي ۽ منهنجي جانور کي نڪاڻو ڪٿي ملي سگهندو؟ پوءِ مان اوهان کي هيڏانهن موڪليان ها نه اوڏانهن.
(الروض الفائق ص 27)

## موت جي تصور جو طريقو

پيارا اسلامي ڀائرو! اسان جي دنياوي ۽ اخروي زندگي جي وچ ۾ موت جي گهاٽي حائل آهي. جنهن ڏينهن اسان اها گهاٽي عبور ڪئي ڪڏهن واپسي نه ٿيندي. تنهن ڪري موت جي ان خطرناڪ گهاٽي کي ياد رکو جيڪا هر ڪنهن کي پار ڪرڻي آهي ۽ ڪڏهن به غفلت اختيار نه ڪريو.

دعوتِ اسلامي جي اشاعتي اداري مڪتبة المدينہ جي شايع ڪيل 480 صفحن تي مشتمل ڪتاب "بياناتِ عطّاريہ حصہ اوّل" صفحہ 304 تي شيخ طريقت، اميرِ اهلسنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه موت کي هميشہ ياد رکڻ جي باري ۾ فرمائن ٿا:

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ڪامياب ۽ عقلمند اهو آهي جيڪو ٻين کي مرندو ڏسي پنهنجي موت ياد ڪري ۽ قبر و حشر جي تياري ڪري. جيئن حضرت سيِّدُنا عبدالله بن مسعود رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ کان منقول آهي: اَلسَّعِيدُ مَنْ وُّعِظَ بِغَيرِهٖ يعني نيڪ بخت اهو آهي جيڪو ٻين کان نصيحت حاصل ڪري. (مسلم ص 1421 حديث 2645)

ياد رکو! غفلت سان موت کي ياد ڪرڻ سان اها سعادت ناهي حاصل ٿيندي جو ان طرح ته انسان هميشه جنازا ڏسندو ئي رهندو آهي ۽ ڪڏهن پنهنجي هٿان به انهن کي قبر ۾ لاهيندو آهي. موت جي تصور جو بهتر طريقو هي آهي ته ڪڏهن ڪڏهن اڪيلائي ۾ دل کي هر قسم جي دنياوي خيالن کان پاڪ ڪري پوءِ پهريان پنهنجي انهن دوستن ۽ رشتيدارن کي ياد ڪريو، جيڪي انتقال ڪري چڪا آهن، پنهنجي ويجهو ۽ پاڙي ۾ رهڻ وارن انتقال ڪري وڃڻ وارن مان هڪ هڪ کي ياد ڪريو ۽ تصور ئي تصور ۾ انهن جا چهرا سامهون سمجهو ۽ خيال ڪيو ته اهي ڪهڙي طرح دنيا ۾ پنهنجي پنهنجي منصب ۽ ڪم ۾ مشغول، وڏيون اميدون ڪيو، دنياوي تعليم جي ذريعي مستقبل جي بهتري لاءِ ڪوشان هئا ۽ اهڙن ڪمن جي تدبيرن جي پويان لڳل هئا جيڪي شايد ڪيترن سالن تائين مڪمل نٿي سگهن، دنياوي ڪاروبار جي لاءِ اهي هر طرح جون تڪليفون ۽ مشقتون برداشت ڪندا هئا، اهي صرف هن دنيا جي لاءِ ئي ڪوشش ۾ مصروف هئا، ان جون آسائشون پسند ۽ انهيءَ جو سک انهن کي پيارو هو، اهي هن طرح زندگي گذاري رهيا هئا جڻ انهن کي ڪڏهن مرڻو ئي ناهي. اهڙي طرح اهي موت کان غافل خوشين ۾ بدمست ۽ راند روند ۾ مشغول هئا، انهن جا

ڪفن بازارن ۾ اچي چڪا هئا پر اهي ان ڪان بي خبر، دنيا جي رنگينين ۾ گم هئا، آه! انهيءَ بيخبري جي حالت ۾ انهن تي اوچتو موت اچي ويو ۽ اهي قبرن ۾ دفنائجي ويا انهن جا والدين غم ۾ بيحال ٿي ويا، انهن جون بيوه عورتون بيحال ٿي ويون، انهن جا ٻار سڏڪندا رهجي ويا، مستقبل جي حسين خوابن جو آئينو چڪناچور ٿي ويو، اميدون تباهه ٿي ويون، انهن جا ڪم اڌورا رهجي ويا، دنيا جي لاءِ انهن جون سڀ محنتون رائيگان ٿي ويون، وارث انهن جا مال تقسيم ڪري مزي سان ڪائي رهيا آهن ۽ انهن کي وساري ڇڏيائون. ان تصور ڪان پوءِ هاڻي انهن جي قبرن جي حالات جي باري ۾ غور ڪيو ته انهن جا بدن ڪيئن ڳري سڙي ويا هوندا، آه! انهن جا حسين چهرا ڪيئن تبديل ٿي ويا هوندا، اهي کلندا هئا ته انهن جي وات مان گل ڇڻندا هئا پر آه! هاڻي انهن جا اهي چمڪدار ڏند ڇڻي چڪا هوندا ۽ وات ۾ پيپ پئجي وئي هوندي، انهن جون وڏيون خوبصورت اکيون اپري رخسارن تي وهي آيون هونديون، انهن جا ريشم جهڙا وار ڇڻي قبر ۾ وکرجي چڪا هوندا، انهن جي سنهڙي ڊگهي نک ۾ ڪيڙا پئجي ويا هوندا، انهن جي گلاب جي پتين جهڙن نازڪ چپن کي ڪيڙا ڪائي رهيا هوندا، اهي ننڍڙا ٻار جن جي ٻاتين ڳالهين سان غمگين دليون به خوش ٿي وينديون هيون، مرڻ ڪان پوءِ انهن جي زبانن تي ڪيڙا چنبڙيل هوندا، نوجوانن جا طاقتور ۽ تازا جسم مٽي ۾ ملي ويا هوندا، انهن جا سمورا سَنڌ الڳ الڳ ٿي چڪا هوندا.

اهو تصوّر ڪرڻ ڪان پوءِ سوچيو ته آه! اهوئي حال جلد منهنجو به ٿيڻ وارو آهي، مون تي به نزع جي ڪيفيّت طاري ٿيندي،

اکيون چٽ ۾ ڪُتل هونديون، مٺ مائٽ گڏ ٿيندا، ماءُ: او منهنجا ٻچا! او منهنجا ٻچا! چئي رهي هوندي، پيءُ مونکي: او منهنجا پٽ! او پٽ! چئي سڏي رهيو هوندو، ڀينرون ادا! ادا! ڪري پڪاري رهيون هونديون، دوست آهون ۽ سڏڪا ڀري رهيا هوندا، پوءِ انهيءَ روح راڙي واري هولناڪ ماحول ۾ روح قبض ڪيو ويندو، ڪو اڳتي وڌي منهنجون اکيون بند ڪندو، مون تي چادر وڌي ويندي، مٺن مائٽن جي روئڻ سان ڪُهرام مچي ويندو، پوءِ غسّال (غسل ڏياريندڙ) کي گهرايو ويندو، مون کي غسل واري تختي تي سمهاري غسل ڏنو ويندو ۽ ڪفن پارايو ويندو، آهه و زاري جي شور ۾ ان گهر مان منهنجو جنازو نڪرندو جنهن گهر ۾ سڄي عمر گذاري، ڪالهه جن منهنجا ناز نخرا برداشت ڪيا هئا اڄ اهي ئي منهنجو جنازو کڻي قبرستان ڏانهن هلندا، پوءِ مونکي قبر ۾ لاهي منهنجا مائٽ پنهنجي هٿن سان مون تي مٽي وجهندا، آهه! پوءِ قبر جي انڌيرن ۾ مون کي اڪيلو ڇڏي سڀئي واپس موٽي ويندا. منهنجي دل وندرائڻ لاءِ ڪوبہ اتي نہ ترسندو، هاءِ! هاءِ! پوءِ قبر ۾ منهنجو جسم ڳرڻ سڙڻ شروع ٿي ويندو. ان کي ڪيڙا کائڻ لڳندا، اهي ڪيڙا خبر ناهي تہ منهنجي ساڄي اک ڀهريان کائيندا يا کاٻي اک، منهنجي زبان ڀهريان کائيندا يا منهنجا چپ، هاءِ! هاءِ! منهنجي جسم تي ڪيتري قدر آزادي سان ڪيڙا رڙهي رهيا هوندا، نڪ، ڪن ۽ اکين ۾ گهڙي رهيا هوندا. اهڙي طرح پنهنجي موت ۽ قبر جي حالات جو واري واري سان تصور ڪري پوءِ منڪر نڪير جي آمد، انهن جا سوال ۽ عذابِ قبر جو خيال دل ۾ آڻيو ۽ پنهنجي پاڻ کي انهن پيش اچڻ وارن معاملن کان ڊيڄاريو.

اهڙي طرح فڪر مدينہ جي ذريعي موت جو تصور ڪرڻ سان اِنْ شَآءَاللهعَزَّوَجَلَّ دل ۾ موت جو احساس پيدا ٿيندو، نيڪين ڪرڻ ۽ گناهن کان بچڻ جو ذهن بڻبو. (بياناتِ عطّاريہ حصہ 1 ص 305 کان 309)

## اسان جا اسلاف ۽ موت جو تصور

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اسان جا بزرگانِ دين رَحِمَهُمُ اللهُ المُبِين هر وقت موت ۽ قبر و آخرت کي پيشِ نظر رکندا هئا. اهوئي سبب هو جو اهي گناهن کان پري ۽ نيڪين لاءِ هر وقت تيار رهندا هئا ۽ دنيا جي عارضي لذتن ۾ مصروف ٿي مطمئن ٿيڻ بدران هر وقت خوفِ خدا کان روئندي موت، قبر ۽ حشر و نشر جي هولناڪين کي ياد رکندا هئا.

## آخرت جي پهرين منزل

منقول آهي: حضرت سيِّدُنا عثمانِ غني رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنْہُ جڏهن ڪنهن قبر جي ويجهو بيهندا هئا تہ ايتري قدر روئندا هئا جو سندن ڏاڙهي مبارڪ پسي ويندي هئي. ان باري ۾ پاڻ رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنْہُ جن کان پڇيو ويو تہ پاڻ رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنْہُ جنّت ۽ دوزخ جي بيان وقت نٿا روئو پر جڏهن ڪنهن قبر وٽ بيهندا آهيو تہ ايتري قدر روئندا آهيو، ان جو ڇا سبب آهي؟ حضرت سيِّدُنا عثمان غني رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنْہُ جن فرمايو: سرڪارِ مدينہ صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو فرمانِ عبرت نشان آهي: بيشڪ قبر آخرت جي سڀ کان پهرين منزل آهي، جيڪڏهن ان کان نجات ملي تہ بعد وارو معاملو ان کان آسان هوندو ۽ جيڪڏهن ان کان نجات نہ ٿي تہ بعد وارو معاملو ان کان زياده سخت هوندو.

(ترمذي ج 4 ص 138 حديث 2315)

## ان جو ڇا حال ٿيندو!

حضرت سيِّدُنا يزيد رقّاشي عَلَيۡهِ رَحۡمَةُ اللهِ الۡشافِي فرمائيندا هئا: موت جنهن جي واعدي جو وقت هجي، قبر جنهن جو گهر هجي، زمين جي هيٺان جنهن جو نڪاڻو هجي، ڪيڙا جنهن جا ساٿي هجن ۽ ان سان گڏوگڏ ان کي اَلۡفَزَعُ الۡاَكۡبَر يعني قيامت جو به انتظار هجي، ان جو ڇا حال ٿيندو؟ اهو فرمائڻ کان پوءِ سندن تي رقّت طاري ٿي ويندي هئي، ايتري قدر جو روئندي روئندي بيهوش ٿي ويندا هئا.

(المستطرف ج 2 ص 477)

موت کو مت بھولنا پچھتاؤ گے　　قبر میں اے عاصیو! جب جاؤ گے
سانپ بچھو دیکھ کر گھبراؤ گے　　بھاگ نہ ہر گز وہاں سے پاؤ گے

صَلُّوۡا عَلَى الۡحَبِيۡب!　　صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## اي نفس! تون ڇا ٿو چاهين؟

حضرت سيِّدُنا ابراهيم تيمي عَلَيۡهِ رَحۡمَةُ اللّٰهِ الۡقَوِى پنهنجي نفس جي محاسبي ڪرڻ جو انداز بيان ڪندي فرمائن ٿا: هڪ ڀيري مون اهو تصور ڪيو ته مان جنّت ۾ آهيان، اتي جا ميوا کائي رهيو آهيان ۽ انهيءَ جي نهرن جو شربت پي رهيو آهيان، ان کان پوءِ مون اهو خيال ڪيو ته مان جهنّم ۾ آهيان ۽ ٿوهر کائي رهيو آهيان ۽ جهنمين جو پيپ پي رهيو آهيان. انهن تصورن کان پوءِ مون پنهنجي نفس کان پڇيو: توکي ڪهڙي شيءِ جي خواهش آهي؟ جنّت جي يا جهنّم جي؟ نفس چيو: جنّت جي. ته پوءِ مون پنهنجي نفس کي چيو: في الحال توکي مهلت مليل آهي، (يعني اي نفس! توکي خود ئي واٽ مقرر ڪرڻي آهي جو سڌري جنّت ۾ وڃڻو آهي يا بگڙجي

دوزخ ۾! تنهن ڪري) انهيءَ حساب سان عمل ڪر. (مڪاشفة القلوب ص 265)

ہے یہاں سے تجھ کو جانا ایک دن　　قبرؔ میں ہوگا ٹھکانا ایک دن
منہ خدا کو ہے دِکھانا ایک دن　　اب نہ غفلت میں گنوانا ایک دن

ایک دن مرنا ہے آخِر موت ہے
کرلے جو کرنا ہے آخِر موت ہے

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب!　　صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## دنيا ڇا جي لاءِ آهي؟

اميرالمؤمنين حضرت سيِّدُنا عثمان غني رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ پنهنجي سڀ کان آخري خطبي ۾ ارشاد فرمايو: الله عَزَّوَجَلَّ توهان کي دنيا ان لاءِ عطا فرمائي آهي ته توهان ان جي ذريعي آخرت جي تياري ڪريو، ان جي لاءِ عطا ناهي فرمائي جو توهان ان جا ٿي رهجي وڃو. بيشڪ دنيا فاني ۽ آخرت باقي آهي. توهان کي فاني (دنيا) ڪٿي برغلائي باقي (آخرت) کان غافل نه ڪري ڇڏي. باقي رهڻ واري کي فنا ٿيڻ واري تي ترجيح ڏيو ڇوته دنيا ختم ٿيڻ واري آهي ۽ بيشڪ الله عَزَّوَجَلَّ جي طرف موٽڻو آهي. الله عَزَّوَجَلَّ کان ڊڄو ڇوته ان جو ڊپ ان جي عذاب کان (آڙ ۽) ڍال آهي ۽ ان جي بارگاهه تائين پهچڻ جو ذريعو آهي. (شعب الايمان ج 3 ص 470)

جہاں میں ہیں عبرت کے ہر سُو نمونے　　مگر تجھ کو اندھا کیا رنگ و بُو نے
کبھی غور سے بھی یہ دیکھا ہے تو نے　　جو آباد تھے وہ مکاں اب ہیں سونے

جگہ جی لگانے کی دنیا نہیں ہے
یہ عبرت کی جا ہے تماشا نہیں ہے

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب!　　صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

# اڄ عمل جو موقعو آهي

اميرالمؤمنين حضرت سيِّدُنا علي المرتضيٰ شير خدا كَرَّمَ اللّٰهُ تَعَالٰى وَجْهَهُ الْكَرِيْم هڪ ڀيري ڪوفي ۾ خطبو ڏيندي ارشاد فرمايو: اي انسانؤ! بيشڪ توهان جي باري ۾ مون کي سڀ کان وڌيڪ ان ڳالھ جو خوف آهي جو ڪٿي اوهان وڏيون اميدون لڳائي نہ ويھو ۽ خواهشات جي پيروي ۾ نہ لڳي وڃو. ياد رکو! ڊگھيون اميدون آخرت کي وساري ڇڏين ٿيون ۽ خبردار! نفساني خواهشن جي پيروي راھ حق کان ڀٽڪائي ڇڏيندي آهي. خبردار! دنيا جلد منهن موڙڻ واري ۽ آخرت جلد اچڻ واري آهي. اڄ عمل جو ڏينهن آهي، حساب جو ناهي ۽ سڀاڻي حساب جو ڏينهن هوندو، عمل جو نہ.

(شعب الايمان ج 3 ص 470)

کوچ ہاں اے بے خبر ہونے کو ہے
کب تلک غفلت سحر ہونے کو ہے
باندھ لے توشہ سفر ہونے کو ہے
خَتم ہر فردِ بَشَر ہونے کو ہے
ایک دن مرنا ہے آخِر موت ہے
کرلے جو کرنا ہے آخِر موت ہے

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

# فاني زندگي ۾ ابدي زندگي جي تياري

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! بزرگانِ دين رَحِمَهُمُ اللّٰهُ المُبِين جي بيان ٿيل فرمانن مان معلوم ٿيو تہ هن فاني (دنياوي) زندگي ۾ ان ابدي (اخروي) زندگي جي ڀرپور تياري ڪئي وڃي ۽ ڪڏهن بہ قبر و حشر جي زندگي کي نہ وساريو وڃي بلڪ هر شخص کي گھرجي تہ هر گھڙي پنهنجو محاسبو ڪندو رهي، جيڪڏهن ڪو پنهنجي پاڻ

۾ معاذ الله عَزَّوَجَلَّ ڪنهن قسم جي برائي ڏسي ته نه رڳو ان ڪان بلڪ پنهنجي گذريل سيني گناهن ڪان سچي توبھ ڪري نيڪين جي راھ تي اهڙي طرح هلڻ شروع ڪري جو ڪڏهن برائي جي رستي ڏانهن ڪنڌ ورائي بہ نہ نهاري، نہ تہ ياد رکي! موت ڪان پوءِ هر هڪ کي پنهنجي ڪرتوتن جو حساب ڪتاب ضرور ڏيڻو پوندو.

موت آکر ہی رہے گی یاد رکھ　　جان جاکر ہی رہے گی یاد رکھ
قبر میں میّت اُترنی ہے ضَرور　　جیسی کرنی ویسی بھرنی ہے ضَرور

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب!　　صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## ڪاراوچون

ڪوئٽہ جي ويجهو هڪ ڳوٺ ۾ ڪنهن ڪلين شيو (Clean Shave) نوجوان جو لاش مليو. ماڻهن مِلي جُلي ڪري ان کي دفنائي ڇڏيو. ايتري ۾ مرحوم جا وارث اچي پهتا ۽ چوڻ لڳا تہ اسان ان جو لاش ڪڍي، وڃي پنهنجي ڳوٺ ۾ دفنائينداسين، پوءِ قبر کوٽي وئي جڏهن چهري جي پاسي ڪان سر هٽائي وئي تہ ماڻهن جون رڙيون نڪري ويون جو چهري تان ڪفن هٽيل هو ۽ ڪلين شيو نوجوان جي چهري تي ڪارن وڇوئن جي ڪاري ڏاڙهي نهيل هئي گهبرائجي، سر رکي مٽي ورائي ماڻهو ڀڄي ويا.

(بیانات عطاریہ حصہ اوّل ص 346)

دِل ہائے گناہوں سے بیزار نہیں ہوتا　　مغلوب شہا! نفسِ بدکار نہیں ہوتا
گو لاکھ کروں کوشش اِصلاح نہیں ہوتی　　پاکیزہ گناہوں سے کردار نہیں ہوتا
یہ سانس کی مالا بس اب ٹوٹنے والی ہے　　غفلت سے مگر پھر بھی بیدار نہیں ہوتا
اے ربّ کے حبیب آؤ اے میرے طبیب آؤ　　اچھا یہ گناہوں کا بیمار نہیں ہوتا

شيطان مُسلَّط ہے افسوس کسی صُورت　　اب صبر گناہوں پر سرکار نہیں ہوتا

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیْب!　　صَلَّی اللہُ تَعالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## موت کان پهريان، موت جي تياري

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! موت کان پهريان موت جي تياري ڪري وٺو جو جڏهن قبر ۾ حبيب خدا سان يا حشر ۾ خداءِ ذوالجلال سان ملاقات ٿئي ته ڪنهن قسم جي شرمندگي ۽ رسوائي ڪي منهن ڏيٺو نه پوي. بلڪ جڏهن هن فاني دنيا مان اسان جي رحلت جو وقت اچي ته ان حسرت ۾ مبتلا نه ٿيون، اي ڪاش! ٿورو وقت مهلت ملي وڃي ته نيڪ عمل ڪيون ها. حالانڪ منقول آهي: اَلْمَوْتُ جَسْرٌ يُوْصِلُ الْحَبِيْبَ اِلَى الْحَبِيْب يعني موت ته هڪ پُل آهي جيڪا دوست کي دوست تائين پهچائي ٿي. (فيض القدير ج 3 ص 307 حديث 3257) ۾ مروي آهي ته هڪ انصاري صحابي بارگاهِ نبوّت ۾ عرض ڪيو: يارسول الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! ڪهڙو مؤمن سڀني کان وڌيڪ عقلمند آهي؟ ته پاڻ ڪريمن صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: ”موت کي گهڻو ياد ڪرڻ وارا ۽ موت کان پوءِ جي زندگي جي لاءِ بهترين تياري ڪرڻ وارا ماڻهو سڀ کان وڌيڪ عقلمند آهن.“ (ابن ماجه ج 4 ص 496 حديث 4259)

الله عَزَّوَجَلَّ اسان سڀني کي موت کان پهريان موت جي تياري جي توفيق عطا فرمائي. مؤمن ٻانهي جي لاءِ خوفِ خدا ۽ رجاء (يعني الله عَزَّوَجَلَّ جي رحمت ۾ اميد) ٻنهي جو هئڻ ضروري آهي. اڄ مسلمان جتي ٻين ڪيترين ئي برائين جو شڪار آهن اتي هڪ تمام وڏي ناداني هي به عام آهي جو الله تبارڪ و تعاليٰ جي رحمت ۽ ان جي نعمتن تي ته يقين رکن ٿا پر كَمَا حَقُّهٗ ان جي ناراضگي جو خوف

پنهنجي دلين ۾ نتا رکن ۽ ان جي سبب گناهن تي دلير ٿيندا پيا وڃن. پنهنجي اصلاح ۽ نفس کي گناهن کان روڪڻ جي لاءِ موت جو تصوّر ڏاڍو فائديمند آهي، ان ڪري اولياءِ ڪرام رَحِمَهُمُ اللّٰهُ السَّلَام هر وقت موت جو تصور پيشِ نظر رکندا هئا ۽ هن دارِ فاني کي واقعي عارضي سمجهندا هئا. ڪاش! اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي انهن نيڪ ٻانهن جي صدقي اسان کي به موت جو تصور پيشِ نظر رکڻ جي توفيق ملي وڃي. اٰمِين بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِين صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## سٺيون سٺيون نيّتون

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ان کان پهريان جو موت اسان کي آخرت جي سفر تي روانو ڪري، اچو راهِ آخرت جو مسافر بڻجڻ کان پهريان سٺيون سٺيون نيّتون ڪيون جو فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم آهي: نِيَّةُ الْمُؤْمِنِ خَيْرٌ مِّنْ عَمَلِهٖ يعني مسلمان جي نيّت ان جي عمل کان بهتر آهي. (المعجم الڪبير ج 6 ص 185 حديث 5942)

۞ اڄ کان پوءِ منهنجي ڪابه نماز قضا نه ٿيندي.

۞ پهرين صف ۾ جماعت سان پنج ئي وقت نماز پڙهندس.

۞ ڪوڙ، غيبت ۽ چغلي کان بچندو رهندس.

۞ ماءُ پيءُ کي نه ستائيندس.

۞ حرام روزي نه ڪمائيندس.

۞ سنّتن تي عمل ڪندس.

۞ اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي نافرماني کان بچندس.

پيارا اسلامي ڀائرو! ذڪر ڪيل سٺين سٺين نيّتن کان سواءِ به هر نيڪ ڪم ڪرڻ ۽ برائي کان بچڻ جون بيشمار نيّتون ڪري

سگهجن ٿيون. **اللّٰه** عَزَّوَجَلَّ اسان سيني کي نمازي بڻائي، اسان جي دل مان گناهن جي سياهي دور فرمائي ۽ اسان کي مدني قافلن جو مسافر بڻائي. مدني قافلن جي برڪت سان جڏهن اسان **اللّٰه** عَزَّوَجَلَّ جي گهر يعني مسجد ۾ **اللّٰه** عَزَّوَجَلَّ جا مهمان بڻجنداسين ته بيشڪ پنهنجي ربّ جي نافرماني وارن ڪمن کان به ايتري دير تائين پري رهي پنهنجي ربّ کي راضي ڪرڻ جي ڪوشش ڪنداسين، مدني قافلن جي برڪت سان مدني ماحول نصيب ٿيندو ۽ مدني ذهن به بڻجندو ته مون گهٽيون نمازون قضا ڪري ڇڏيون، هاڻي مان نه رڳو پاڻ نمازون پڙهندس بلڪ ٻين کي به نماز جي ترغيب ڏياري گهٽ ۾ گهٽ هڪ اسلامي ڀاءُ کي پاڻ سان گڏ مسجد ۾ وٺي ويندس. پاڻ به نيڪيون ڪندس ۽ ٻين کي به نيڪي جي دعوت ڏيندس. اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ.

## مدني انعامات

**پيارا اسلامي ڀائرو!** اَلْحَمْدُلِلّٰه عَزَّوَجَلَّ! پندرهين صدي جي عظيم علمي و روحاني شخصيّت، شيخ طريقت، اميرِ اهلسنّت، بانيءِ دعوتِ اسلامي حضرت علامه مولانا ابوبلال محمد الياس عطّار قادري رضوي ضيائي دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه هن پُرفتن دور ۾ نيڪ بڻجڻ جي لاءِ اسان کي مدني انعامات جي صورت ۾ هڪ بهترين جَدْوَل عطا فرمايو آهي جنهن جي ذريعي اسان آساني سان پنهنجي روزمره جي معمولات ۾ رهندي فرائض و واجبات جي ادائگي سان گڏوگڏ نوافل و مستحبات جي بجا آواري ڪري سگهون ٿا.

مدني انعامات جو رسالو حاصل ڪري ان جي مطابق عمل ۽ روزانو فڪر مدينه جي ذريعي ان کي پُر ڪرڻ جو معمول بڻائيندا

تہ اِنْ شَآءَاللہ عَزَّوَجَلَّ دين ۽ دنيا جون بيشمار برڪتون حاصل ٿينديون.

اللّٰه عَزَّوَجَلَّ اسان سيني کي عمل جي توفيق عطا فرمائي.

اٰمِين بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِين صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## فهرست


| عنوان | صفحو | عنوان | صفحو |
|---|---|---|---|
| درود شريف جي فضيلت | 1 | موت جي تصور جو طريقو | 23 |
| قبر جو خوفناڪ منظر | 1 | اسان جا اسلاف ۽ موت جو تصور | 27 |
| عذابِ قبر ظاهر ٿيڻ جي حڪمت | 4 | آخرت جي پهرين منزل | 27 |
| عبرت جا مدني گل | 5 | ان جو ڇا حال ٿيندو! | 28 |
| قبر جي پُڪار | 6 | اي نفس! تون ڇا ٿو چاهين؟ | 28 |
| قبر نانگن سان ڀرجي وئي | 7 | دنيا ڇا جي لاءِ آهي؟ | 29 |
| مسلمان ۽ ڪافر جي موت جو احوال | 8 | اڄ عمل جو موقعو آهي | 30 |
| قبر جو عذاب حق آهي | 13 | فاني زندگي ۾ ابدي زندگي جي تياري | 30 |
| حديثِ پاڪ جي شرح | 14 | ڪارا وڇون | 31 |
| اسان جو ڇا ٿيندو؟ | 15 | موت کان پهريان موت جي تياري | 32 |
| هي عبرت جي جاءِ آهي | 17 | سٺيون سٺيون نيّتون | 33 |
| ملڪ الموت جو اعلان | 18 | مدني انعامات | 34 |
| عبرتناڪ اشعار | 20 | فهرست | 35 |
| آبادي ڪٿي آهي؟ | 22 | ماخذ و مراجع | 35 |


## ماخذ ومراجع


| نمبر شمار | ڪتاب | مصنّف/ مؤلّف |
|---|---|---|
| 1 | قرآن مجيد | ڪلام باري تعالیٰ مڪتبة المدينه باب المدينه ڪراچي |
| 2 | ڪنز الايمان | اعلیٰ حضرت امام احمد رضاخان، متوفی 1340ھ، مڪتبة المدينه، باب المدينه (ڪراچي) |
| 3 | خزائن العرفان | صدر الافاضل نعيم الدين مراد آبادی، متوفی 1367ھ، مڪتبة المدينه باب المدينه (ڪراچي) |
| 4 | المسند | امام احمد بن حنبل، متوفی 241ھ، دار الفڪر بيروت 1414ھ |
| 5 | صحيح البخاری | امام ابو عبدالله محمد بن اسماعيل بخاری، متوفی 256ھ، دار الڪتب العلمية، بيروت |
| 6 | سنن ابن ماجه | امام ابو عبدالله محمد بن يزيد ابن ماجه، متوفی 273ھ، دار المعرفه، بيروت 1420ھ |
| 7 | سنن الترمذي | امام ابوعيسيٰ محمد بن عيسيٰ ترمذي، متوفی 279ھ، دار الفڪر بيروت 1414ھ |
| 8 | موسوعة ابن ابي الدنيا | حافظ امام ابوبڪر عبدالله بن محمد قُرشي متوفی 281ھ، مڪتبة العصريه بيروت 1426ھ |
| 9 | المعجم الڪبير | امام ابوالقاسم سليمان بن احمد طبراني، متوفی 360ھ، دار احياء التراث العربي بيروت 1422ھ |
| 10 | حلية الاولياء | ابو نعيم احمد بن عبدالله اصفهانی شافعی، متوفی 430ھ، دار الڪتب العلميه، بيروت |
| 11 | مرأة المناجيح | حڪيم الامت مفتي احمد يار خان نعيمي، متوفی 1391ھ، ضياءُ القرآن پبليڪيشنز، مرڪز الاولياء لاهور |
| 12 | تنبيه الغافلين | فقيه ابوالليث نصر بن محمد سمرقندي، متوفی373ھ، دار احياء الڪتب العربي بيروت 1420ھ |
| 13 | احياء علوم الدين | امام ابو حامد محمد بن محمد غزالی، متوفی 505ھ، دار صادر، بيروت |
| 14 | مڪاشفة القلوب | امام ابو حامد محمد بن محمد غزالی، متوفی 505ھ، دار الڪتب العلميه، بيروت |
| 15 | عيون الحڪايات | امام عبدالرحمٰن بن علي ابن جوزي، متوفی 597ھ، دار الڪتب العلميه، بيروت 1424ھ |
| 16 | الروض الفائق | شعيب بن عبدالله بن سعد، متوفی 810ھ، دار احياء التراث العربي بيروت 1422ھ |
| 17 | المستطرف | شهاب الدين محمد بن ابي احمد ابي الفتح، متوفی 850ھ، دار الفڪر بيروت 1419ھ |
| 18 | الزهد و قصر الامل | الشيخ اسعد محمد سعيد الصاغرجي، دار الڪلم الطيّب 1422ھ |
| 19 | اتحاف السادة المتقين | سيد محمد بن محمد حسيني زبيدي، متوفی 1205ھ، دار الڪتب العلميه، بيروت |
| 20 | بياناتِ عطّاريّه | علامه مولانا محمد الياس قادري، مڪتبة المدينه، باب المدينه (ڪراچي) |

